MONTHLY WAIJ KARACHI

ABC
CERTIFIED

وِڻ ويهن وَٽِ، جي سِگهين تہ سَگهو ٿيين (شاھ)

# ماهوار ويڄ ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

THE MAGAZINE ABOUT HEALTH, BEAUTY AND ENVIRONMENT



## OVARIAN CANCER آنيداني جو ڪينسر

## بيوٽي ڪلينڪ
## BEAUTY CLINIC

ذيابيطس پاڳو ٿيون

CAUSES PREVENTION & FIRST AID OF

## BURNS سڙڻ

جا سبب، بچاءُ ۽ ترت مدد




# E P A SINDH

Environmental Protection Agency, Government of Sindh.

# A comprehensive banking solution




We at UBL, with an integrated network of over 1694 branches globally, offer a comprehensive range of innovative banking services. And invaluable schemes like Unizar, Unimahana and Unisona.

Our billion rupee assets, invested in industrial growth, ensure maximum security of our clients' capital.

Plus, by financing import and export. Lending agricultural loans. Serving the Haj pilgrims. Promoting school banking, sports and talented sportsmen. We move with the nation even closer to prosperity and self-reliance.

**UBL United Bank Limited**
*-the progressive bank*


There is only
one reason for research
Better Health:
A commitment for all ages
MSD Research:
for every answer, a new question
for every discovery, a new challenge
for every medicine, a new hope
MERCK SHARP & DOHME (MSD) is a division of MERCK & CO., INC., a worldwide research-intensive health products company that discovers, develops, produces, and markets human and animal health products and specialty chemicals.
MSD
Copyright © MERCK & CO., Whitehouse Station, N.J., U.S.A. 1990
All rights reserved.
10-95-GEN-90-R-4101-J (10-95-GEN-94-PAK-34-J)

# Habib Bank Credit Card wears a new look




**We have pleasure in announcing the introduction of a new, improved Credit Card.**

Habib Bank is the first bank which introduced Credit Card Scheme in Pakistan in 1966. The scheme has made much headway over the years. Today the number of Habib Bank Credit Card holders runs into thousands. It is accepted at over 1000 establishments all over the country comprising Airlines, Petrol Pumps, Hotels, Restaurants, Hospitals, Departmental Stores, General Merchants, etc.

The possession of our Credit Card entitles you to use it freely. Travel or shop and just sign the bills. We shall do the rest.

Carrying lot of cash is not safe. Always carry your Credit Card. Contact your nearest branch and get one. The existing cards will remain valid till their expiry.

A Tradition of Better Service

**Habib Bank Limited**

PID (Islamabad)

ايڊيٽوريل

# طبي پيشي ۾ ڪميشن جو رجحان

طب جو پيشو جتي معزز ۽ مسيحائي پيشو ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو اتي هن پيشي ۾ ڪي لالچ جا عنصر ۽ اوٽايون پڻ شامل ٿي ويون آهن ڪن ننڍي ڪان ننڍي طبي ڪارڪن کان وٺي ڪجهه وڏن ڊاڪٽرن تائين هن پيشي ۾ ڪي اهڙيون ريتون ۽ رسمون ڪاهي پيون آهن جن طب کي پيشو نه پر ڌنڌو بڻائي ڇڏيو آهي، ڇو ته ڌنڌي ۾ ڪم ۽ ڪمائي سان گڏ اڪثر ڪري لالچ ۽ واپاري عنصر شامل هوندا آهن. جڏهن ته پيشي ۾ ڪم سان گڏ سچائي ۽ خلوص جي ضرورت هوندي آهي.

جيتريقدر ڏٺو ويو آهي ته هن دؤر ۾ ڪيترن ڊاڪٽرن، ليبارٽري وارن ۽ ٻين طبي تشخيصي مرڪزن ۾ اڪثر ڪميشن جو رجحان گهڙي آيو آهي ڪيترا وڏا ڊاڪٽر يا ڪنسلٽنٽ پنهنجن جونيئر ڊاڪٽرن يا فئملي فزيشنس سان ڪميشن طئي ڪيون ويٺا آهن، جنهن ۾ ڪنسلٽيشن تي الڳ ڪميشن ته آپريشن وارن ڪيسن تي وري ڊاڪٽرن ۽ اسپتالن طرفان ڳريون ڪميشنون پڻ آڇيون وڃن ٿيون. انڪانسواءِ اسان وٽ جيڪي طبي تشخيص جا مرڪز آهن جن ۾ اڪثر ڪري ايڪسري، الٽراسائونڊ ۽ لئبارٽريون شامل آهن انهن مان ڪيترائي هر ڊاڪٽر کي سندس حيثيت مطابق ڪميشن جي آڇ ڏين پيا. نتيجي ۾ انهن سيني سلسلن جو بوجهه اڻ سڌي طرح غريب عوام تي پوي ٿو، ڇو ته جڏهن ڪوبه ڊاڪٽر ڪنهن به مريض کي ڪميشن مقرر ڪندڙ مرڪز ڏانهن موڪلي ٿو ته مريض ويچارو ڊاڪٽر تي اعتبار ڪري جڏهن سڌو اوڏانهن جو رخ اختيار ڪري ٿو ته اهي مرڪز وري سندس کيسي تي هيٺو بار وجهي ڇڏين ٿا.

اسان وٽ ڪجهه اهڙن ڊاڪٽرن ۽ تشخيصي مرڪزن جا مثال موجود آهن جيڪي ڪميشن ۽ پئسي جي خاطر ڪيترن مريضن جون غير ضروري تشخيصي ٽيسٽون ڪرائيندا رهن ٿا. جيڪي مريض جسماني تپاس سان به تشخيص جوڳا هوندا انهن لاءِ به هزارين روپين جون ٽيسٽون لکيون وينديون ۽ نتيجي ۾ ڪڏهن ڪڏهن مريض اهو خرچ برداشت نه ڪرڻ سبب وڃي جاهل ميڊيڪل پريڪٽيشنرز جي ور چڙهندو. جيڪي وري سندس صحت کي انتها هاڃو رسائيندا.

اسان اهڙن ڊاڪٽرن ۽ تشخيصي مرڪزن (ايڪسري الٽراسائونڊ ۽ لئبارٽري) وارن کي عرض ڪنداسين ته هو طب کي ڌنڌي طور نه پر پيشي طور اپنائين ۽ هن مقدس پيشي مان ڪميشن وارو رجحان جيڪو روز بروز وڌندو پيو وڃي سو فوري طور تي ختم ڪن.

ادارو

# ويڄ هيلٿ پروموٽرز فورم

ماهوار ويڄ جتي پڙهيل لکيل ماڻهن کي صحت جي ڄاڻ لاءِ ڪوشان آهي اتي هن ديس جي اڻ پڙهه ۽ ابوجهه ماڻهن کي بہ صحت جي بنيادي سکيا ڏيڻ ۽ بيمارين کان بچاءَ جي واٽ ڏيکارڻ جو عزم ڪري ٿو.

ان سلسلي ۾ اسان هيٺ ڄاڻايل متن ۽ مقصدن سان "ويڄ هيلٿ پروموٽرز فورم" جي شروعات ڪري رهيا آهيون.

1- ڪوبہ اهڙو فرد (عورت يا مرد) جيڪو ماهوار ويڄ جون لکيون پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو سو هن فورم جو ميمبر ٿي سگهي ٿو.

2- اهڙو فرد جيڪو ويڄ هيلٿ پروموٽرز فورم جو ميمبر ٿيندو اهو عام ماڻهو جيڪي ويڄ کان مانوس نہ آهن يا وري لکي پڙهي ڪونہ ٿا ڄاڻن، تن کي ويڄ مان حاصل ڪيل صحت جي ڄاڻ جو پيغام پهچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو.

3- ويڄ هيلٿ پروموٽرز فورم ۾ ڪوبہ ڊاڪٽر / نرس / ڊسپينسر / شاگرد يا عام ماڻهو چاهي اهو مرد هجي يا عورت، بنا ڪنهن امتياز ۽ فيس جي ميمبر ٿي سگهي ٿو. اهڙن ميمبرن کي هيٺ ڏنل حلف نامو ۽ ميمبري جو فارم ڀري اداري کي موڪلڻو پوندو. سندس ميمبر شپ کي يقيني بڻائڻ لاءِ ماهوار ويڄ جي ايندڙ شماري ۾ سندس نالي جو اعلان ڪيو ويندو.

4- ويڄ هيلٿ پروموٽرز فورم جي ميمبرن کي ماهوار ويڄ ذريعي متحد رکيو ويندو ۽ سندن صحت بابت ڄاڻ کي وڌايو / تازو ڪيو ويندو.

5- فورم جي باقائده منظم ٿيڻ کانپوءِ ميمبرن جي ساليانی گڏجاڻي پڻ سڏائي ويندي.

هن مقصد سان متفق ساٿين کي گذارش آهي تہ هيٺيون فارم ڀري اداري کي هيٺين ائڊريس تي موڪلين.

## ويڄ هيلٿ پروموٽرز فورم

معرفت ماهوار ويڄ : ڪمرو نمبر 53، ڀهرين ماڙ، بلاڪ-اي، معين اسٽيل مارڪيٽ، باباءِ اردو روڊ، جي. پي. او باڪس نمبر 568، ڪراچي.

---

## ويڄ هيلٿ پروموٽرز فورم

## حلف نامي تي عزم

آءٌ ______________ پٽ / ڌيءَ / زال ______________

پنهنجي رضا خوشي ۽ هوش حواس سان ويڄ هيلٿ پروموٽرز فورم جو / جي ميمبر ٿيان ٿو /ٿي. آءٌ ان ڳالهہ جو اقرار ٿو / ٿي ڪريان تہ بنان ڪنهن غرض، لالچ ۽ وڏائي / ننڍائي جي پنهنجي ڄاڻ ۽ وس آهر عام ماڻهو تائين صحت جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندس / پتوڙينديس.

ميمبر جي صحيح

---

## ذاتي تفصيل

نالو ______________ پيءُ / مڙس جو نالو ______________

ذات ______________ ڌنڌو ______________

تعليم ______________

پيون مصروفيتون ______________

ائڊريس: ______________

______________

ميمبر جي صحيح

---

نوٽ: هن فارم جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي بہ استعمال ڪري سگهجي ٿي.

# During illness and convalescence

# GLAXOSE-D

## builds up your energy level

Illness depletes your energy reserves and makes you feel weak and listless. Glaxose-D helps you regain the depleted energy during illness and convalescence.

Glaxose-D contains Glucose, Calcium and Vitamin D. Take one large dessertspoonful of Glaxose-D with your fruit juice, milk, tea, coffee or with plain water. It will build up your energy level. Diabetics should not use Glucose.








**GLAXOSE-D**

-the all-time energy builder.

XO. 20-90

R-LINTAS

شديد زخمي حالت وغيره.

ذيابيطس جي تيزابي ڪيفيت عام طور تي ڪجهه ڪلاڪن کان وٺي ڪجهه ڏينهن ۾ ظاهر ٿي ويندي آهي. هن حالت ۾ شديد اڃ لڳي ٿي، بار بار پيشاب جي حاجت ٿئي ٿي ۽ جسماني ڪمزوريءَ جو شديد احساس ٿئي ٿو. پيشاب جي گهڻائيءَ ۽ الٽيءَ جي ڪري جسم ۾ پاڻيءَ ۽ نمڪيات جي شديد گهٽتائي ٿيو وڃي. مريض جو بلڊ پريشر گهٽ ٿيو وڃي ۽ ساهه کڻڻ جي رفتار وڌيو وڃي. ساهه ۾ Ketone جي بوءِ اچي ٿي. پيٽ ۾ سور جي شڪايت هن ۾ عام آهي ۽ آهستہ آهستہ غشي طاري ٿيڻ شروع ٿئي ٿي جيڪا پوءِ مڪمل بيهوشي ۾ بدلجيو وڃي.

مٿي ذڪر ڪيل علامتون تشخيص ۾ ڪجهه مدد ڏين ٿيون، پر پڪ ڪرڻ لاءِ پيشاب ۽ رت ٽيسٽ ڪرائڻ انتهائي ضروري آهي. پيشاب ۾ تيزابي مادا (Ketones) ۽ گلوڪوز تمام گهڻي مقدار ۾ موجود هوندا آهي ۽ رت ۾ پڻ گلوڪوز تمام گهڻو (يعني 400 - 600 mg% تائين) هوندو آهي.

هيءَ صورتحال امرجنسي واري آهي ۽ ان جي فوري تشخيص ۽ علاج تمام ضروري آهي. مريض کي جلد از جلد اسپتال ۾ داخل ڪرائجي. علاج جو سڀ کان پهريون ۽ اهم مرحلو مريض جي جسم ۾ پاڻيءَ ۽ نمڪيات جي انتهائي گهٽ مقدار کي واپس عام رواجي سطح تي آڻڻ آهي. (پاڻي ۽ نمڪيات رت ۾ Drip ذريعي ڏنا ويندا آهن) ۽ رت ۾ گلوڪوز جي انتهائي بلند مقدار کي انسولن جي ٿوري ٿوري مقدار کي بار بار ڏيڻ سان ڪنٽرول ڪيو ويندو آهي. مناسب وقفن سان رت ۾ گلوڪوز ۽ نمڪيات به جاچيا ويندا آهن. جيڪڏهن گڏوگڏ ڪو انفڪشن هجي ته ان جو به ترت علاج ڪرڻ ضروري آهي.

**بچاءُ:-**

هي پيچيدگي دراصل مريض جي لاپرواهيءَ جي نتيجي ۾ ٿيندي آهي ان لاءِ هيٺ ڏنل ڳالهين تي عمل ڪرڻ انتهائي ضروري آهي:-

(الف): بگڙيل ذيابيطس جي علامتن مثلاً اڃ جي شدت، پيشاب جي بار بار ۽ گهڻي مقدار ۾ اچڻ، بک جي گهٽي لڳڻ وغيره تي فوري توجه ڏجي.

(ب): ذيابيطس جي مريض کي بخار، دست ۽ الٽين جي صورت ۾ بک نه لڳندي آهي، پر ان کي پنهنجي دوائن يا انسولن جي وزن ۾ ڪمي هرگز نه ڪرڻ گهرجي. ان صورت ۾ هن کي پاڻي وڌيڪ پيئڻ گهرجي ۽ اهڙي غذا کائڻ گهرجي، جيڪا جلد هضم ٿي سگهي، مثلاً تازن ميون جو رس، کير، ڏهي، سوپ وغيره.

(پ): اهڙي حالت ۾ ذيابيطس جي مريض کي پنهنجي رت ۽ پيشاب ۾ گلوڪوز کي ڪثرت سان ٽيسٽ ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي ڊاڪٽر سان هڪدم مشورو ڪرڻ گهرجي.

**2- رت ۾ تيزابيت کانسواءِ گلوڪوز جو انتهائي بلند مقدار ۽ غشي:-**

هي مونجهارو گهٽ ڪري ذيابيطس جي ڪراڙن مريضن ۾ ٿيندو آهي.

**سبب:**

1- ذيابيطس جو گهڻي عرصي تائين بي قابو رهڻ يا تشخيص نه ٿيڻ.

2- ذيابيطس جي بگڙيل ڪنٽرول سان گڏ فالج يا انفيڪشن جو ٿيڻ.

**علامتون ۽ تشخيص:-**

هن ڪيفيت ۾ علامتون تقريباً اهي ئي آهن جي (Diabetic Keto Acidosis and Coma) ۾ ٿينديون آهن. فرق صرف هي آهي ته هن ڪيفيت ۾ ساهه ۾ (Ketones) جي بوءِ نه هوندي آهي ۽ نه ئي رت ۽ پيشاب ۾ (Ketones) ملندا آهن. پر رت ۾ گلوڪوز جو مقدار انتهائي گهڻو هوندو آهي يعني تقريباً 600 mg% کان به وڌيڪ.

هن جي علاج ۽ بچاءَ جا طريقا به تقريباً ساڳيا آهن جيئن Keto Acidosis جا آهن.

**3- رت ۾ گلوڪوز جي شديد گهٽتائي:- (Hypo Glycaemia)**

**رت ۽ پيشاب ۾ گلوڪوز جي ٽيسٽ جا نتيجا ڏينهن، تاريخ ۽ وقت سان گڏ ڪنهن نوٽ بڪ ۾ لکڻ ۽ ان رڪارڊ کي پنهنجي ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ انتهائي اهم ڳالهه آهي**

**ذيابيطس جي مريض کي بخار، دست ۽ الٽين جي صورت ۾ بک نہ لڳندي آهي. پر ان کي پنهنجي دوائن يا انسولن جي وزن ۾ ڪمي هرگز نہ ڪرڻ گهرجي. ان صورت ۾ هن کي پاڻي وڌيڪ پيئڻ گهرجي ۽ اهڙي غذا کائڻ گهرجي، جيڪا جلد هضم ٿي سگهي، مثلاً تازن ميون جو رس، کير، ڏهي، سوپ وغيره**

هن ڪيفيت جي ڪري ڪجهہ شديد علامتون پيدا ٿينديون آهن مثلاً ڏڪڻ، ٿڌا پگهر اچڻ، چپن ۽ زبان تي سسراهٽ محسوس ٿيڻ، شديد بک لڳڻ، بيحد ڪمزوري محسوس ٿيڻ ۽ چڪر اچڻ، دل جو تيزي سان ڌڙڪڻ ۽ گهبراهٽ وغيره. اجا بہ رت ۾ گلوڪوز گهٽ ٿئي تہ هي علامتون پڻ ظاهر ٿين ٿيون: هڪ شي جون ٻہ نظر اچڻ، غنودگي ۽ غشي طاري ٿيڻ، ٻارن ۾ خاص ڪري جهٽڪا (دورا) پڻ لڳندا آهن.

**سبب:-**

(1)- انسولن جي انجڪشن هڻڻ بعد مناسب وقفي ۾ خوراڪ نہ ورتي وئي هجي.

2- خوراڪ دست ۽ الٽين سبب هضم نہ ٿي سگهي هجي.

3- انسولن ضروري مقدار کان وڌيڪ استعمال ڪئي وئي هجي.

4- غير معمولي ورزش خاص ڪري خالي پيٽ تي ڪئي وئي هجي.

5- ذيابيطس جي بگڙيل ڪنٽرول جي لاءِ انسولن جو مناسب مقدار نہ ورتو ويو هجي.

6- ڪجهہ ڪراڙن ماڻهن ۾ جن جون بڪيون ۽ جيرا صحيح ڪم نہ ڪندا هجن، گلوڪوز گهٽ ڪرڻ واريون گوريون رت ۾ گلوڪوز جي شديد گهٽتائي ڪري سگهن ٿيون.

**تشخيص:-** مٿيون علامتون تشخيص ۾ مدد ڏين ٿيون مريض اوچتو بيهوش بہ ٿي سگهي ٿو، ان لاءِ مريض جي گهر وارن ۽ دوستن کي ان جي ڄاڻ ڪرائجي. بهرحال پڪ ڪرڻ لاءِ رت ۾ گلوڪوز ٽيسٽ ڪرائڻ لازم آهي، جيڪو گهٽجو ڪري 45mg% کان گهٽ هوندو آهي.

**علاج:-** رت ۾ گلوڪوز جي شديد گهٽتائي جي فوري تشخيص ۽ علاج انتهائي ضروري آهي، جو تہ هيءَ ڪيفيت ڪجهہ ئي منٽن ۾ شدت اختيار ڪري بيهوشي طاري ڪري سگهي ٿي. ان لاءِ شروعاتي علامتون محسوس ڪندي ئي مريض کي کپي تہ هو بہ وڏا گلوڪوز جا چمچا پاڻي ۾ ملائي پي ڇڏي. گلوڪوز جي جاءِ تي کنڊ، شربت، مٺا بسڪٽ، ڪيڪ، مٺو ميوو يا ڪولڊ ڊرنڪ بہ وٺي سگهجي ٿي. جيڪڏهن مريض بيهوش ٿي وڃي تہ کيس وات ذريعي ڪجهہ بہ نہ ڏجي، پر هڪدم انجڪشن رستي رڳ ۾ گلوڪوز داخل ڪجي يا مريض کي هڪدم اسپتال موڪلجي.

**بچاءُ:-** انسولن وٺندڙ مريض کي هميشه پنهنجي کيسي ۾ کنڊ جي پڙي رکڻ گهرجي. انسولن لڳڻ جي اڌ ڪلاڪ جي اندر اندر ماني کائڻ گهرجي. غذا جي مقدار ۾ ڪمي نہ ڪجي. خالي پيٽ گهڻي ورزش نہ ڪجي. سخت ورزش کان اڳ ڪا نشاستي واري شي مثلاً ميوو، بسڪٽ يا ڊبل روٽي کائڻ گهرجي. هميشه پاڻ سان گڏ ذيابيطس جي مريض هجڻ جو ڪارڊ رکڻ گهرجي.

### 4- جراثيمن سبب ٿيندڙ بيماريون (Infections)

اهي بيماريون ذيابيطس جي مريضن ۾ عام آهن اهي بيماريون وري گلوڪوز کي رت ۾ وڌائي ذيابيطس کي بگاڙن ٿيون. ان طرح سان هڪ مسلسل چڪر شروع ٿي وڃي ٿو.

### ذيابيطس جي مريض ۾ ڪجهہ عام انفڪشن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:-

1- چمڙيءَ جا انفيڪشن:- (Skin Infections)، ڦرڙيون (Boil / Furuncle)، ناسور (Carbuncle)، فنگس (Fungus)، مثلاً Candidiasis ۽ Ring Worms هي پيرن جي آڱرين جي وچ تي يا جنسي جڳهن تي عام ٿيندا آهن.

> رت ۾ گلوڪوز جي شديد گهٽتائي جي فوري تشخيص ۽ علاج انتهائي ضروري آهي، جو تہ هيءَ ڪيفيت ڪجهہ ئي منٽن ۾ شدت اختيار ڪري بيهوشي طاري ڪري سگهي ٿي

2- پيشابي سرشتي جا انفيڪشن :- (Urinary Tract Infection).

3- ڦڦڙن ۾ انفيڪشن :- نمونيا (Pneumonia)، ٽي بي (Tuberculosis).

4- ڏندن، ڪن ۽ وات جا انفيڪشن:-

5- عورتن جا مخصوص انفيڪشن:- (Vulvo Vaginitis).

**اسباب:**

1- ذيابيطس جو بگڙيل ڪنٽرول.

2- زخم يا ڏڪ لڳڻ.

3- مناسب جسماني صحت ۽ صفائي کان لاپرواهي.

**علامتون:-** بخار، جسم ۾ سور ۽ بک جي گهٽتائي وغيره. ان ڪانسواءِ جتي انفيڪشن هوندو آهي اتي جون خاص علامتون پڻ هونديون آهن. مثلاً پيشاب جي انفيڪشن ۾ پيشاب جو ساڙو وغيره.

**تشخيص:-** هن جي لاءِ خاص ٽيسٽون ڪرائبيون آهن. مثلاً سيني جو ايڪسري، پيشاب جي ٽيسٽ وغيره.

**علاج:-** مڪمل جسماني آرام، سور جون دوائون، جيڪڏهن Bacteria جو انفيڪشن هجي ته اينٽي بائيوٽڪ (Antibiotic) دوائون وغيره. فنگس جي لاءِ مخصوص دوائون ۽ ڪريم. جسم مان پڪ ريز (Pus) ڪڍڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن جراحيءَ جي ضرورت پئجي سگهي ٿي.

رت ۾ گلوڪوز کي ڪنٽرول رکڻ انتهائي ضروري آهي، ۽ انسولن يا گورين کي صرف ان لاءِ بند نه ڪجي ته مريض کي بک نه ٿي لڳي. پاڻي گهڻو پيئڻ گهرجي ۽ کا نشاستي واري شي مثلاً تازن ميون جو رس، سوپ، يخني يا کير ٿوري ٿوري وقفي سان وٺڻ گهرجي. شديد انفيڪشن جي صورت ۾ ذيابيطس جون گوريون وٺندڙ مريض کي وقتي طور تي انسولن جي ضرورت پڻ پيش اچي سگهي ٿي.

**بچاءُ :-**

(1) ذيابيطس جو بهترين ڪنٽرول.

2- حفظانِ صحت جي مڙني اصولن جي پابندي.

3- ڪنهن به زخم جو فوري علاج.

4- هر ڇهن مهينن ۾ پيشاب جو مڪمل ٽيسٽ، هر سال ڏندن جو معائنو.



# سڙڻ BURNS

## ڪارڻ، بچاءُ ۽ ترت مدد

ڊاڪٽر امير چنا
ايم.بي.بي.ايس، ايف.سي.پي.ايس، اسسٽنٽ پروفيسر آف سرجري، جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر ڪراچي

اوائلي دؤر ۾ انسان کي باهہ واري عمل جي ڄاڻ ڪانہ هئي، يوناني ڏند ڪٿائن مطابق پروميٿيوز (Prometheus) اهڙو ديوتا هيو جنهن انسان کي باهہ جي تخليق ڪرڻ ۽ ان جي خاصيتن متعلق ٻڌايو، انهي ڳالهہ جي ڪري هن ديوتا کان ٻيا ديوتا ۽ ديويون ناراض ٿي ويون ۽ ڪيس هڪ وڏي وڻ سان ٻڌي، طاقتور ڳجهن (Vultures) کي ڇڏيائون تہ سندس جگر استعمال ڪنديون رهن، پر ڪجهہ ديوتا جيڪي هن کان ناراض نہ هئا اهي سندس جگر کي ٻيهر رات جو رات ۾ زندهہ ڪري ڇڏيندا هئا ۽ ڳجهون صبح جو وري پنهنجو ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏينديون هيون ديو مالائي تاريخ ۾ شايد انسان کي علم ڏيڻ جي لاءِ اها وڏي ۾ وڏي سزا هئي.

باهہ کي قبضي ڪرڻ ۾ انسان کان شايد ڪٿي ڪوتاهي ضرور ٿي آهي ڇا لاءِ تہ آمريڪا جهڙي ترقي يافتہ ملڪ ۾ بہ هر سال ٻہ ملين (Two Million) ڪان مٿي ماڻهو سڙن ٿا. هڪ ٻي رپورٽ جي مطابق هر سال هڪ ملين جي آبادي منجهان 300 (ٽي سؤ) ماڻهو ان حد تائين زخمي ٿين ٿا جو انهن کي داخل ڪري علاج ڪرڻو ٿو پوي، جن کي آمريڪي سڙڻ واري سٽ (American Burns Association) وچولي ڪان مٿاهين درجي واري سڙڻ جو نالو ڏنو آهي انهي نتيجي سڙڻ وگهي مرندڙن جي تعداد چوڏهن هزار (14000) آهي. بدقسمتي سان اسان جي ملڪ ۾ ڪٿي بہ اهڙو تحقيقاتي ڪم نہ ٿيو آهي جنهن جي ذريعي احتياط سان اندازو لڳائي سگهجي تہ اسان وٽ ڪيترا اهڙا بدقسمت انسان آهن جيڪي سڙڻ وگهي موت يا معذوري جو شڪار ٿين ٿا.

بهرحال ترقي يافتہ ملڪن جي انگن مان اهو اندازو لڳائڻ هرويرو ايڏو ڏکيو نہ آهي تہ سڙڻ ڪيڏو نہ هڪ اهم مسئلو آهي.

تاريخ ۾ انهي مسئلي ۾ دلچسپي ۽ ڄاڻ جو ذڪر هپوڪريٽس (Hipocrates) جي زماني ڪان آهي. الرازي ۽ ابوسينا سڙڻ واري جڳهہ تي ٿڌي شيءِ لڳائڻ جي لاءِ لکيو آهي 1905ع ۾ سنيو (Sneue) تمام سٺي طريقي سان اهو بيان ڪيو آهي تہ سڙڻ جي ڪري پيدا ٿيل زخم کي پٽي ڪري بند ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. فرينڪ (Frank 1877) ۽ اندرهل (Under Hill 1932) سڙڻ جيّ علاج جي سلسلي ۾ ڪافي اڳتي نڪري ويا آهن، هنن سڙڻ ڪري جسم اندر پاڻيٺ جي نقصان ۽ سندس جسم ۾ واپسي تي ڪافي روشني وڌي آهي انهي ڪانپوءِ علاج جي باري ۾ ماهرن جو ڪافي مباحثو رهيو پر حقيقت ۾ پٽي نہ ڪرڻ ۽ پاڻيٺ کي جسم ۾ داخل ڪرڻ وارن خيالن جي اهميت ڪان اڄ بہ ڪوئي انڪار نہ ٿو ڪري سگهي.

دنيا جي پهرين اسپتال جتي صرف سڙيل مريضن جو علاج ڪيو ويندو آهي اها 1832ع ڌاري (Syme) جي نظرداري ۾ ايڊنبرا (Edinbragh) ۾ شروع ڪئي وئي هئي. اوڻويهين صدي جي شروعات ۾ (Evans) تنهن بعد (Brooke) فارمولو پيش ڪيو جنهن ذريعي سڙيل انسان جي جسم ۾ پاڻيٺ ۽ ٻين چارج ٿيل ذرن کي داخل ڪرڻ جو مقدار معلوم ڪيو ويندو آهي (Brook's Electrolyte Re-placement Forumla) اهو سلسلو اڃا ختم نہ ٿيو آهي پر مسلسل ڪم ۽ تحقيقات جي ذريعي سڙيل ماڻهن کي بچائڻ ۽ واپس ڪم تي لڳائڻ جي اڻ ٿڪ ڪوشش جاري آهي. ڇاڪاڻ تہ سڙڻ

بجلي جي تمام مٿاهين وهڪري وارين تارن (High Tension Lines) جي ڪليل هجڻ جي ڪري اڻڄاڻائي ۾ ماڻهو سڙڻ جو شڪار ٿئي ٿو اهڙي قسم جو سڙڻ تمام خطرناڪ ٿئي ٿو.

1- گرم پاڻيءَ جي ڪري سڙڻ
1-Scalds

2- شعلن جي ڪري سڙڻ
2- Dry Heat Burns.

3- بجلي جي ڪري سڙڻ
3-Electrical Burns.

4- ڪيميائي مادن جي ڪري سڙڻ
4- Chemical Burns.

5- تابڪاري اثرن جي ڪري سڙڻ
5- Radiation Burns.

مٿين نمونن کان علاوه سڙڻ تي اسين درجن ۾ به ورهائي سگهون ٿا.

پڙهندڙ جي سهولت خاطر هيٺ چارٽ نمبر -1 ڏجي ٿو.

عام رواجي صورتحال ۾ سڙڻ جي درجه بندي ڪرڻ ڪجهه مشڪل ٿي پوندي آهي. خاص ڪري ٻي درجي جي سڙڻ ۾ چمڙي جي ڪافي سڙڻ جي ڪري جلد اندازو لڳائڻ مشڪل ٿي پوندو آهي، انهيءَ ڪري اهو اندازو پهرين دفعي ۾ ئي قطعي طور تي نه لڳائي سگهبو آهي ۽ روزانه جي معمول ۾ مريض کي اسپتال ۾ داخل ڪرڻ کان

# چارٽ - 1

| | پهريون درجو<br>1ST DEGREE | ٻيو درجو<br>2ND DEGREE | ٽيون درجو<br>3RD DEGREE |
|---|---|---|---|
| سبب | تمام تيز اس يا شعلي جي پسگردائي | ٿوري عرصي لاءِ گرم پاڻيءَ شعلي يا ڪيميائي مادي جو لڳڻ | چڱي دير تائين شعلي تپيل شيءِ يا ڪيميائي مادي جو لڳڻ |
| رنگ | ڳاڙهو | واڱڻائي يا ڪارن داغن سان ڳاڙهو | بلڪل سفيد يا وري ڪوئلي وانگر ڪارو يا هلڪي رنگ تيل شي وانگر (Translucent) |
| سطح | خشڪ، يا ننڍڙا ڦلوڪڻا | آلا، وڏا ڦلوڪڻا، يا ڳاڙهيندڙ (Weeping) سطح | خشڪ، ٿلهي ڪپڙي وانگر جنهن مان خون نليون ڄميل رت سان نظر اينديون |
| احساس | سور ٿيندو | سور ٿيندو، اونهي ٻي درجي ۾ سئي مان مدو نه ٿئي پر دٻاءُ محسوس ٿيندو | سور نه ٿيندو |
| ڦٽ ڇٽڻ | 3 کان 4، ڏينهن | 10 کان 21 ڏينهن يا 21 ڏينهن کان مٿي. | ٻي کل لڳائڻي پوندي (Skin Grafting) |

ايراضي ڏني وئي آهي. اهڙي نموني پوري جسم کي 100 برابر رکيو ويو آهي، هن حساب دوران سطحي ۽ هلڪي ڳاڙهي رنگ (Erythma) کي ڳڻيو نہ ويندو آهي. وڌيڪ سمجهڻ لاءِ ڏسو شڪل نمبر -٢.

**2- لنڊ برونر جو قانون.**
**(Lund Browner Law)**

مٿي ڏنل نون جي قانون ۾ اها ڏکيائي آهي تہ هي 15 سالن جي گهٽ عمر جي ٻارن لاءِ استعمال نہ ٿو ڪري سگهجي، ڇا لاءِ تہ ٻارن جو مٿيون ڌڙ هيٺين ڌڙ کان وڌيڪ هوندو آهي سندس پکيڙ (Surface Area) پڻ گهٽي هوندي آهي انهي ڪري صحيح طرح سان حساب لڳائي نہ سگهبو آهي. هن قانون ۾ ٻارن جي واڌ ۽ مٿين هيٺين ڌڙ جي غير تناسبي کي اهميت ڏني ويئي آهي، جنهن مطابق ١ سال جي عمر تائين هڪ ٻار جو مٿو ۽ ڳچي پوري جسم جو، ويهہ سيڪڙو آهي، جڏهن تہ 15 سالن جي عمر کانپوءِ اها 9 في سيڪڙو ٿئي ٿي اهڙي نموني، انهي فرق کي غور هيٺ آڻي هي فارمولا تيار ڪيو ويو آهي.

**3- هٿ جي ترِي جو قانون.**
**(Rule of Palm)**




شڪل نمبر - 1



هي گهرڙا جڏهن گهرڙن واري ترت پرت کان چمڙيءَ جي شروعاتي پرت (Stralum Corneum) ڏانهن حرڪت ڪندا آهن تہ سندن شبيهي بناوٽ (Morphology) بدلجي ويندي آهي ۽ هو چمڙيءَ جي شروعات پرت ڏانهن ايندي ايندي مڪمل طرح پري (Keratinized) پنهنجا مرڪز (Nuclei) وڃائي ناس ٿي ويندا آهن.

گهرڙن جي اهڙي پري پوڻ يا پور - گهرڙن ٿيڻ واري اسريل عمل (Maturation Process) کي چمڙي جوڙ (Epidermopoises) چوندا آهن جيڪو عام رواجي حالتن ۾ 28 ڏينهن ۾ مڪمل ٿيندو آهي.

ڪل جو وچئيون تهہ (Dermis) ڪولاجن تندن (Collagen Fibers)، لچڪدار تندن (Elasic Fibers) ۽ تر مواد (Ground Substance) تي مشتمل هوندو آهي، جنهن ۾ رت نليون (Blood Vessels) لمف واهڻيون (Lymph Vesseles) تنتون (Nerves) چمڙيءَ جا سٿپ وارا غدود (Sebaceous Glands) پگهر وارا غدود (Sweat Glands) ۽ ٻج جون ڳوٽريون (Hair - Folicles) ۽ ڪيترن ئي قسم جا مختلف گهرڙا شامل آهن.

ڪل جون وچئيون تهہ (Dermis) اٽڪل روءِ 10 کان 30 ڀيرا ڪل جي مٿئين تهہ (Epiderims) کان ٿلهيرو ٿيندو آهي

ڪل جي وچئين تهہ کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو سنهو پيپيلري زون (Papillary Zone) جيڪو ڪل جي مٿئين تهہ جي آخري چيڙي کان هڪدم پوءِ شروع ٿيندو آهي هي ڀاڱو ڪولاجن تندن فائبرو بلاسٽس (Fibroblasts) ۽ تر - مواد (Ground Sybstance) ۽ رت نلين سان ڳتيل هوندو آهي، جيڪي هن سنهڙي حصي ۾ بي ترتيب نموني هيٺ مٿي پکڙيل هوندا آهن جڏهن تہ ڪل جي هن حصي جو ٻيون ڀاڱو ٿلهيرو هوندو آهي جنهن کي ريٽيڪيولرزون (Reticular Zone) چوندا آهن، جيڪو ڪولاجن جي گهاٽي مواد (Dense Collagen) لچڪدار تندن (Elastic Fibers) تي ٻڌل هوندو آهي- ڪل جي هن ڀاڱي ۾ رت نليون، ترمواد ۽ فائبرو بلاسٽس پيپيلري زون جي ڀيٽ ۾ گهٽ هوندا آهن.

ڪل جو آخري يا هيٺيون تهہ (Subcutancous Tissue) ڪل جي وچئين تهہ (Dermis) ۽ انهي ڇهہ (Deep Fascia) جي وچ ۾ هوندو آهي جنهن ۾ لائپوسائيٽس (Lipocytes) ۽ سٿپ گڏ ڪرڻ وارا گهرڙا (Fat Storage Cells) هوندا آهن.

هن تهہ ۾ سٿپ جو مقدار (Fat Sheet) عمر، جنس، نسل، جنسي غدودي حالتن ۽ کاڌ - خوراڪ (Endocrinological & Nutritional) جي حاصلات تي دارو مدار رکي ٿي.

**ڪل جي انساني جسم ۾ اهميت:**

ڪل جسم جو هڪ تمام ضروري حصو آهي ۽ ڪل کانسواءِ زندگيءَ جو جاري رهڻ ناممڪن آهي.

ڪل اندروني عضون کي ڍڪڻ کانسواءِ انهن کي وايو منڊل جي هاڃيڪار اثرن ۽ ڪنهن بہ نقصان کان بچاءُ جو ڪم ڏيندي آهي.

ڪل جسماني گرمي پد (Body Temperature) کي برقرار ۽ هڪ ڪرو رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي آهي.

گرمي پد کي برقرار رکڻ کانسواءِ چمڙي جسم ۾ پاڻيٺ ۽ لوڻ ڳارن (Electrolytes) جي قدرتي توازن کي پڻ برقرار رکڻ جو ڪم ڏيندي آهي.

جسم ۾ گرميءَ جو خاص درجو، پاڻي ۽ لوڻيات (Water and Electrolytes) جو خاص مقدار زندگيءَ جي اهم سرشتن جهڙوڪ دل جو ڌڙڪڻ، ساهہ کڻڻ، دماغ ۽ ٻڪين جو ڪم ڪرڻ لاءِ تمام ضروري آهي، جيڪڏهن انهن مٿين شين ذريعي توازن برقرار نہ رهندو تہ زندگي جاري رهي نہ سگهندي.

ڪل ڇهڻ جي حساسيت هجڻ ڪري هڪ حساس عضوي جو ڪم بہ ڏيندي آهي جهڙوڪ ٿڌ يا گرميءَ جو محسوس ٿيڻ، شين جو ڇهاءُ، سور وغيره.

ڪل سماجي وهنوار ۾ پنهنجي رنگت ۽ وارن يا ٻج جي ڪري شخصيت جي نروار ڪرڻ ۾ مددگار ٿيندي آهي.

ڪل جسم جي قدرتي بچاءُ واري سرشتي (Immunological System) لاءِ پڻ نهايت ڪارائتو ڪردار ادا ڪندي آهي.

انهي کانسواءِ ڪل پاڻيٺ، پگهر، سٿپ، مئل گهرڙن، جي اخراج جو ڪم بہ سرانجام ڏيندي آهي.

ڪل دوائن کي داخل ڪرڻ (سين / ٽڪن / ملم وسيلي) ۾ هڪ اهم رستي (Route) جو ڪم ڏيندي آهي.

سڀ کان اهم عمل اهو تہ ڪل وٽامن ڊي ٺاهڻ ۾ ٻهرو وٺندي آهي.

---

** هي گهرڙا جئين تہ لينگرهان ۽ ميريڪل نالي طبي ماهرن ڳولي لڌا هئا- تنهنڪري انهن گهرڙن کي سندن نالي پٺيان سڃاڻپ وارو اصطلاح ڏنو ويو آهي.

**ڇا آنيدانيون ڪڍرائڻ گهرجن:** آنيدانيءَ جي ڪينسر سبب جيسيتائين آنيداني جي ڪڍرائڻ يا نه ڪڍرائڻ جو تعلق آهي ته اهو هڪ وڏو سوال آهي ۽ ان سوال جي جواب ۾ هر سال آمريڪي عورتون هائوڪار ۾ جواب ڏين ٿيون. ائين هر سال ايتريون صحتمند عورتون آنيدانيءَ جي ڪينسر کان بچڻ لاءِ آپريشن ڪرائينديون رهن ٿيون.

جڏهن ته ساڳئي وقت اهو سوال به پيدا ٿئي ٿو ته ان لاءِ ڪيترين عورتن کي آنيدانين ڪڍرائڻ (Oophorectomies) جي ضرورت هوندي آهي ۾ جيڪڏهن آنيدانيءَ جي ڪينسر کي ڏسجي جيڪا پڻ ڪينسرن جي پيٽ ۾ نسبتاً ورلي ٿيندڙ آهي يعني ته آمريڪا ۾ ٿي ان سبب رڳو 22000 عورتون هر سال متاثر ٿين ٿيون ته ان لحاظ کان اهو چئي سگهجي ٿو ته ڪيتريون عورتون هرويرو آنيدانيون ڪڍرائي ڇڏين ٿيون رڳو ان پوءِ سبب ته متان ڪين آنيدانين جي ڪينسر نه ٿي پوي ۽ هو جڏهن ائين ڪرائين ٿيون ته ڪين فائدي ٿيڻ بجاءِ ڪن ٻين تڪليفن پيدا ٿيڻ جو وڌيڪ خطرو رهي ٿو. جنهن ۾ دل جون بيماريون ۽ هڏن جو ڳرڻ (Osteoporosis) اچي وڃي ٿو.

ماهرن اهو به ڏٺو آهي ته اهي عورتون جيڪي عمر جي 30 ۽ 40 واي ڏهاڪن دوران آنيدانيون ڪڍرائي ڇڏين ٿيون تن کي انهن عورتن جي پيٽ ۾ جيڪي ائين نه ٿيون ڪن، تن جي پيٽ ۾ هرٽ اٽئڪ ۽ دڌ جي هڏي جي پڇي پوڻ جو وڌيڪ شڪار ٿيڻو پوي ٿو جنهن جو سبب هڏن جو ڳرڻ / ڍانڊو ٿي وڃڻ ٻڌايو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ اهڙين تڪليفن کان بچڻ لاءِ هارمون (هارمون ريپليسمنٽ ٿراپي) استعمال ڪري سگهجن ٿا پر تنهن هوندي به آنيدانين نه هجڻ سبب جيڪي تڪليفون پيدا ٿين ٿيون ۽ انهن جو جيڪو ڪارج آهي انهن جي پورائي ڪري نه ٿي سگهجي. هڪ اهڙي عورت جيڪا سنڌ ٿيڻ کان اڳ ۾ آنيدانيون ڪڍرائي ڇڏي ٿي تنهن کي اڳتي باقي سڄي زندگي لاءِ هارمون استعمال ڪرڻا پون ٿا. ساڳئي وقت ماهرن جو اهو به مشاهدو آهي ته حمل روڪ گورين رستي جيڪو ايسٽروجن جسم پاڻ پيدا ڪندو رهي ٿو ان سلسلي ۾ هڪ ماهر جو چوڻ آهي ته "آنيدانيون ايسٽروجن جو جيڪو شاندار مقدار هميشه لاءِ پيدا ڪنديون رهن ٿيون ان جي مصنوعي هارمون رستي ڪوٽ پوري ڪري نه ٿي سگهجي.

اهوئي سبب آهي جو ڪيترا ڊاڪٽر چاهيندا آهن ته صحتمند عورتن کي جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي اهي آنيدانين سميت زندگي گذارينديون رهن. اهوئي سبب آهي جو ڪيل سروي مان ڪنهن به ڪينسر جي ماهر اهو نه چيو ته هو چاليهن سالن کان گهٽ عمر جون آنيدانيون ڪڍڻ چاهيندا آهن بشرطيڪ منجهن ڪنهن لحاظ کان آنيدانين جي ڪينسر پيدا ٿيڻ جا ڪي گهڻا امڪان موجود نه هجن ۽ اهو به تڏهن جڏهن سنڌس گهٽ ۾ گهٽ سنڌس ٻن ويجهن مائٽياڻين کي آنيدانيءَ جي ڪينسر ٿي هجي ۽ هن ٻار ڄڻي بس ڪيا هجن.

پر اهڙيءَ صورتحال ۾ ڇا ڪري سگهجي ٿو جڏهن ڪا عورت آپريشن رستي ڳيرڻ ني ڪڍرائي ڇڏي (Hysterectomy) ساڳئي وقت اها ڳالهه به ضرور ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته ڪٽنب ۾ ڪنهن کي آنيدانيءَ جي ڪينسر ٿيڻ يا هجڻ جو اهو مطلب به نه هوندو آهي ته انهن جي پوينئرن کي به اها ڪينسر ضرور ٿيندي آهي جڏهن ته ان جو رڳو مطلب اهو ورتو ويندو آهي ته توهان جي جسم ۾ اهڙي ڪوئي جين موجود ٿي سگهي ٿي جنهن سبب توهان به ان قسم جي ڪينسر ۾ شڪار ٿي سگهو ٿا. بدقسمتي سان سائنس اڃا ايتري ترقي نه ڪئي آهي جو ڪنهن کي چڪاسي ۽ سنڌس جين جي اپياس ڪرڻ سان اهو ٻڌائي سگهجي ته ڪنهن کي اها ڪينسر ٿي سگهي ٿي ۽ ڪنهن کي نه. جڏهن ته اميد ڪئي وڃي ٿي ته ايندڙ پنجن سالن دوران اهڙيون جنيٽيڪي تپاسون مروج ٿي وينديون جن رستي اهڙي ڇنڊڇاڻ ڪري سگهجي.

**هو پنهنجو پاڻ کي بيمار ناهن سمجهندا ۽ ٻين تي الزام مڙهندا آهن هو عجيب و غريب قسم جي تجربن مان گذرندا آهن، ڪين مختلف قسم جا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. هو پنهنجي چوڌاري اهڙيون شيون ڏسندا آهن جيڪي ٻين کي ڏسڻ يا ٻڌڻ ۾ ناهن اينديون.**

تڪيندو رهندو. سندس والدين ڪيس فقيرن، پيرن ۽ مزارن تي وٺي ويا پر هو بيمار ٿيندو ويو. سندس ننڊ ختم ٿيندي وئي، هو پنهنجي جسم جي صفائي وغيره کان بلڪل لاپرواهه ٿي ويو. هو مستقل قسم جي ماليخوليا ۾ مبتلا آهي. اها تمام عام قسم جي بيماري آهي ڪيس بغير ڪنهن سبب جي آهستي آهستي اها بيماري شروع ٿي. ان بيماري کي (Schizo Phrenia) (اِسڪائيزو فرينيا) چئبو آهي- اها پندرهن کان ويهن سالن جي عمر ۾ شروع ٿيندي آهي- جنهن جو سبب نامعلوم آهي اها تمام گهٽي عرصي تائين هلندي آهي. جيڪڏهن ان جو علاج نه ڪرايو وڃي ته وڌيڪ بگڙجي ويندي آهي. ڪيترائي ماڻهو ان بيماريءَ جو شڪار ٿيندا آهن. مناسب علاج سان ان بيماري تي قابو ڪري سگهجي ٿو ۽ مريض سٺي زندگيءَ گذارڻ جي قابل ٿي سگهي ٿو. دوائن جي استعمال ڪانپوءِ فائدو ٿيڻ تي مريض کي روزمره جي معمولن طرفن آڻي سگهجي ٿو.

**مثال نمبر 2:**

25 سالہ امينا ٽن ٻارن جي ماءُ آهي- هوءَ تمام خوش ذوق، نرم ۽ نازڪ مزاج جي مالڪ هئي. تقريباً ٻن هفتن کان سندس رويي ۾ هڪ عجيب قسم جي تبديلي اچي وئي آهي. هن تمام گهٽيون ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون آهن. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ مڇرجي پوندي آهي ۽ ٻين کي گاريون ڏيڻ شروع ٿي ويندي آهي نه هوءَ ڪجهه کائي ٿي ۽ نه ئي سمهي ٿي ۽ ڪڏهن ڪڏهن هوءَ گهٽيءَ ۾ هر ننڍڙي ٻار جو پيڇو ڪري ٿي، ڪڏهن رڙيون ٿي ڪري ته روڪيو هو منهنجي ٻچي کي ڪنيون ٿا وڃن. ٻڌايو ٿو وڃي ته ٻه هفتا اڳ هن پنهنجو 6 سالن جو ٻار بيماريءَ سبب وڃايو آهي. امينا جي بيماري، "اوچتي ٿيندڙ ماليخوليا" (Acute Psychosis) آهي. اها بيماري اوچتو شروع ٿي. ان جو عرصو تمام ٿورو آهي اهڙين بيمارين ۾ وقفو تمام ٿورڙي عرصي جو ٿيندو آهي اها مڪمل علاج سان ٺيڪ ٿي ويندي آهي. ڪي وري مستقل بيماريءَ جي شڪل اختيار ڪري وٺنديون آهن جن جو علاج ڪافي عرصي تائين ڪرڻو پوندو آهي.

**مثال نمبر 3:**

35 سالن جو غلامون هڪ فيڪٽريءَ ۾ ملازم آهي. هو تمام محنتي ۽ وقت جو پابند هيو. پنهنجي ڪم کي سٺي نموني انجام ڏيئي رهيو هو. هڪ مهيني کان هو راتن جو جاڳي ٿو. ضرورت کان وڌيڪ خوش مزاج ٿي ويو آهي هرو ڀرو کلڻ شروع ڪري ڏيندو آهي حد کان وڌيڪ ڳالهائڻو ۽ تيز ٿي پيو آهي هو پنهنجي ڪم تي ڌيان نه ٿو ڏيئي سگهي. هو تمام جلدي تنگ ٿي پوندو آهي بغير ڪنهن سبب جي معمولي ڳالهين تي مڇرجي پوندو آهي هو پنهنجو پاڻ کي تمام اهم انسان سمجهندو آهي ۽ ان مطابق عمل ڪرڻ شروع ڪندو آهي. هو چوندو آ ته مون وٽ تمام گهڻي دولت آهي، مان تمام وڏو قابل ماڻهو آهيان هو هر قسم جا ڪم ڪرڻ جي دعويٰ ڪندو آهي جيڪڏهن ڪوئي ڪيس چئلينج ڏئي ته هو مڇرجي پوندو آهي ۽ گاريون ڏيندو آهي وڙهڻ مرڻ تائين تيار ٿي ويندو آهي جيڪڏهن سڀ هن سان راضي هجن ته اهو انهن سان کل ڀوڳ شروع ڪري ڏيندو آهي هو لطيفا ٻڌائيندو آهي ۽ کلندو رهندو آهي ڪنهن کي ٻه ڳالهائڻ جو موقعو ناهي ڏيندو. هن ۾ تمام گهڻي طاقت اچي ويندي آهي سندس حد کان وڌيڪ ڳالهيون سندس وڏنڊ حرڪتون، ننڊ نه اچڻ، سندس گهر وارن لاءِ هڪ مسئلو بڻيل آهي. معلوم ٿيو آهي ته ٻه سال ۽ چار سال اڳ ان کي ان قسم جا ٻه دورا پئجي چڪا آهن جيڪي ٻن ٽن مهينن تائين رهندا هيا ۽ وچ وارن وقفن ۾ هو بلڪل ٺيڪ رهندو هيو. اڄ سوڏو ٽي دفعا مٿس بيماريءَ جو حملو ٿي چڪو آهي. هو ٻوين بيمارين درميان بلڪل ٺيڪ رهندو هيو. اڪبر جي ان ماليخوليائي نفسياتي رويي کي مينيا (Mania) چئبو آهي. مينيا جي بيماري ڪجهه ڏينهن کان وٺي مهينن تائين هلندي آهي. مريض قدرتي طور تي خود بخود ٺيڪ ٿي پوندو آهي. مرض جي حملي ڪانپوءِ مريض کي مڪمل آرام اچي ويندو آهي.

# جنسي هرپيز يا جنسي پيرون داڻا
# GENITAL HERPES

## وچڙندڙ جنسي بيماريون
## SEXUALLY TRANSMITTED DISEASES (STDs)

**پاڳوپيو:**
جون 1994 واري شماري ۾ آيل مضمون سان لاڳاپيل.

**ڊاڪٽر سيد شرف علي شاهه**
**چمڙي ۽ جنسي بيمارين جو ماهر**
**چهين ماڙ، رمپا پلازا، ڪراچي**

هي مرض پاڪستان ۾ تمام تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي اڄ کان ڪجهه سال اڳ تائين ڪڏهن، ڪڏهن جنسي هرپيز ڏسڻ ۾ ايندو هيو پر چند سالن جي اندر اڄ ڪلهه هرپيز جي تعداد ۾ ڪافي واڌ آئي آهي.

جنسي هرپيز جي ڪارڻ هڪ خاص وائرس (اڏام جيوڙو) آهي جنهن کي Herpes Humanis چيو وڃي ٿو.

هن وائرس جا ٻه قسم آهن جنهن کي Type, I ۽ Type, IIجا نالا ڏنا ويا آهن.

هرپيز وائرس - I گهڻو ڪري چپ ۽ وات ۾ ڦوڪڻن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي ۽ اهي ڦوڪڻا جلدي ڦسي پوندا آهن ۽ ننڍڙا ننڍڙا زخم ٿي پوندا آهن جيڪي هفتي جي اندر صحيح ٿي ويندا آهن. چپ جي هرپيز تمام عام آهي ۽ اڪثر ڪافي ماڻهن کي خاص طور تي بخار وقت نڪرندي آهي، تنهنڪري هن کي اڪثر بخار جا داڻا به چيو ويندو آهي.

جنسي هرپيز گهڻو ڪري هرپيز وائرس - II جي ڪري ٿيندي آهي پر ڪڏهن ڪڏهن هرپيز وائرس - I جي ڪري به ٿي سهگي ٿي.

جنسي هرپيز به جنسي ميلاپ جي ذريعي هڪ ماڻهو کان ٻئي ماڻهو ۾ منتقل ٿيندي آهي ۽ جنسي ميلاپ کان پوءِ گهڻو ڪري هڪ هفتي اندر جنسي عضوي جي ڪنهن حصي تي ننڍڙا، ننڍڙا ڦوڪڻا نڪرندا آهن ۽ ان جڳهه جي چمڙي به ڳاڙهي ٿي پوندي آهي، جلدئي اهي ڦوڪڻا ڦسي پوندا آهن.

**تشخيص:**

هي مرض گهڻو ڪري مرض جي علامتن سان ئي تشخيص ڪيو ويندو آهي. ليبارٽريءَ ۾ وائرس جو ڪلچر تمام مشڪل ۽ مهانگو آهي، اٽسڏيءَ طرح هڪ ٻي ٽيسٽ جنهن کي TZANK ٽيسٽ چيو وڃي ٿو تنهن سان هن مرض جي تشخيص ڪري سگهجي ٿي.

**علاج:**

جنسي هرپيز جو علاج تمام مشڪل آهي ڇاڪاڻ جو گهڻو ڪري هي مرض علاج جي باوجود باربار اٿلي پوندو آهي، ڀهريائين ته هن اڏام جيوڙي يا وائرس لاءِ ڪابه دوا موجود ڪونه هئي پر هن وقت جيتوٽيڪ دوا موجود آهي پر تنهن هوندي به اها دوا پوري طرح ڪارآمد نه آهي ۽ دوا تمام گهڻي عرصي لاءِ استعمال ڪرڻ جي ضرورت پئجي سگهي ٿي.

**جنسي هرپيز جون پيچيدگيون:**

جنسي هرپيز جون ڪيتريون ئي پيچيدگيون ٿي سگهن ٿيون. پر اسين صرف انهن پيچيدگين جو ذڪر ڪنداسين جيڪي تمام گهڻي انداز ۾ نظر اينديون آهن ۽ تمام خطرناڪ ثابت ٿي سگهن ٿيون.

**نئين ڄاول ٻار کي هرپيز جو لڳڻ:** جيڪڏهن ڪنهن حمل واري عورت کي جنسي هرپيز هجي ته پوءِ اها ويم دوران ٻار ڏانهن منتقل ٿي سگهي ٿي ۽ اهو مرض نئين

چاول پار جي سڄي جسم تي حملو ڪري ٿو جنهن ۾ اندروني عضوو جهڙوڪ دماغ وغيره به اثرانداز ٿي سگهي ٿو ۽ اڪثر انهي مرض سان پار جو موت ٿي وڃي ٿو ۽ علاج جي باوجود بچڻ جي اميد تمام گهٽ رهي ٿي.

**عورت جي جنسي عضوي جي ڪينسر:**

**Cancer of Cervix**

جيڪڏهن جنسي هرپيز گهڻي عرصي لاءِ موجود هجي ته ڪڏهن ڪڏهن اها ڪينسر جي شڪل اختيار ڪري سگهي ٿي، C.A. Cervix يا سروڪس جي ڪينسر عورتن ۾ تمام عام آهي ۽ انهي جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا جن مان جنسي هرپيز هڪ اهم سبب آهي.

**نفسياتي پيچيدگيون:**

جيئن ته اسين مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون ته جنسي هرپيز باربار اٿلي پوندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته تمام جلدي يعني هر هفتي هن مرض جو حملو ٿي سگهي ٿو. تنهنڪري مريض تمام پريشان ٿي ويندو آهي ۽ نفسياتي مرض جون علامتون شروع ٿي سگهن ٿيون جهڙوڪ بي آرامي، ڪم ۾ دل نه لڳڻ، چڙچڙاپڻ ۽ ايتريقدر جو ڪجهه مريضن ۾ خودڪشي جو رجحان به پيدا ٿي سگهي ٿو.

# جنسي حسا
# Genital Warts

حسا جيڪڏهن ڪنهن به بالغ عورت يا مرد ۾ جنسي عضون تي يا انهن جي پرسان هجن ته اهي هميشه جنسي تعلقات ذريعي ڦهلبا آهن، هونئن ته حسا جسم جي ڪنهن به حصي تي ٿي سگهن ٿا. جهڙوڪ چهرو، ڪنڌ، هٿ، پير وغيره ۽ انهن جڳهن تي حسن ڦهلجڻ جا سبب جنسي تعلقات کان علاوه به ٿي سگهن ٿا.

جنسي حسن جو ڪارڻ هڪ اڏام جيوڙو آهي جنهن کي (Human Po-pilloma Virus) چيو وڃي ٿو.

**علامتون:** هن مرض ۾ سخت چمڙيءَ جي رنگ جهڙا مختلف سائيزن جا داڻا جنسي عضون يا انهي جي آسپاس نڪرندا آهن. انهن داڻن ۾ مريض کي گهڻو ڪري ڪا تڪليف نه ٿيندي آهي، پر عورتن ۾ ڪڏهن ڪڏهن خارش جي شڪايت ٿي سگهي ٿي. تڪليف نه هجڻ ڪري مريض گهڻو ڪري شروع ۾ ڪوبه توجه نه ڏيندو آهي ۽ اهي داڻا آهستي آهستي سائيز ۽ تعداد ۾ وڌندا ويندا آهن.

**تشخيص:**

گهڻو ڪري ڊاڪٽر معائني ڪانپوءِ هي مرض تشخيص ڪري وٺندو آهي، پر ڪن مريضن ۾ (Skin Bisop-sy) جي ضرورت پئجي سگهي ٿي.

**علاج:** جنسي حسن جو علاج باآساني هڪ خاص دوا لڳائڻ سان ٿي سگهي ٿو جنهن کي ڪيميڪل ڪارٽري چيو وڃي ٿو، جيڪا دوا ڊاڪٽر خود مريض کي لڳائيندو آهي.

انهي کان علاوه مشين جي ذريعي هنن کي ساڙي سگهجي ٿو جنهن کي اليڪٽرڪ ڪارٽري چيو ويندو آهي، ڪن حالتن ۾ جيڪڏهن حسا تمام وڏي سائيز جا هجن ته پوءِ اهي آپريشن جي ذريعي ڪٽيا ويندا آهن.

**هن مرض ۾ سخت چمڙيءَ جي رنگ جهڙا مختلف سائيزن جا داڻا جنسي عضون يا انهي جي آسپاس نڪرندا آهن. انهن داڻن ۾ مريض کي گهڻو ڪري ڪا تڪليف نه ٿيندي آهي، پر عورتن ۾ ڪڏهن ڪڏهن خارش جي شڪايت ٿي سگهي ٿي**

قسط-5

# خانداني منصوبہ بندي جا ٻَار روڪ طريقا

نور محمد ميمڻ
سينئر انسٽرڪٽر پاپوليشن ويلفيئر
ٽريننگ انسٽيٽيوٽ ڪراچي

## INTRA UTERINE DEVICE
## آءِ يو ڊي يا ڇلي جو تعارف

هيءَ ڇلو هن وقت ٻن خاص نمونن ۾ موجود آهي هڪ ڪي لپيز لوپ (پلاسٽڪ جو ڇلو) چئجي ٿو، جنهن جا هن وقت دُنيا ۾ ٨ نمونا (Varieties) آهن، ۽ هڪ ٻيو ماڊل ڪاپرٽيءَ جو آهي جن جا نمونا ۽ شڪليون هيٺ ڏجن ٿيون تہ جيئن اسان جون پڙهيل عورتون اُن جي شڪل ڏسي ۽ ان متعلق پڙهي ٻَر روڪ طريقن مان پنهنجي لاءِ ڪو طريقو پسند ڪن ۽ پاڪستان جي خانداني منصوبہ بنديءَ جي پروگرام مان لاڀ حاصل ڪن.

ٻَر روڪ طريقن مان هڪ طريقو ڇلي يا آءِ يو ڊي جو آهي جيڪو بيحد ڪامياب طريقو آهي هن جي رکڻ مان اها مراد آهي تہ ڪا اهڙي پائيدار شيءِ عورت جي ٻچيدانيءَ ۾ رکجي جيڪا بيضي يعني Ova ۽ مرد جي تخمي جيو يعني Sperm جي ميلاپ کي روڪڻ ۾ ڪاميابيءَ سان ڪم ڪري ۽ جڏهن ٻار پيدا ڪرڻ جي خواهش ٿئي تہ اهو ڇلو ڪڍي وري ٻَر جو طريقو بحال ڪري سگهجي.

هي ڪلينڪل طريقو آهي جو سواءِ ڪلينڪ جي ڇلي جو لڳارائڻ ممڪن ڪونہ آهي تنهن ڪري هن کي ڪلينڪل طريقو چئجي ٿو. هي هن وقت دُنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ زير استعمال آهي ۽ اندازا 85 Million عورتن جي استعمال ۾ آهي، هن جو استعمال چين ۾ تمام گهڻو آهي. اندازا 8 نمونن جا ڇلا چين ۾ استعمال ٿين ٿا.

ڇلي جو هڪ نئون نمونو ڪاپرٽي آهي جنهن تي جست چڙهيل آهي، جيڪو پروجيسٽرون (Progestron ) خارج ڪري ٿو ۽ هر هنڌ مهيا آهي ۽ ڏاڍو ڪامياب آهي هن جو نمبر (Copper T380 A) آهي. ان لاءِ WHO يا ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن ۽ ٻين عالمي ادارن متفقہ طور تي هن جو استعمال منظور ڪيو آهي ۽ موجوده دور جي وڌندڙ گهرجن مطابق هڪ حل طور تجويز ڪيو آهي. خاص طور تي ٿَج پياريندڙ عورتن لاءِ هيءَ انتهائي بهترين طريقو آهي، جو ٻار جو کير ساڳيو رهيٿو ان جي مقدار ۾ ڪابہ ڪمي واقع نٿي ٿئي. اُن ماءُ کي ڪاپرٽي لڳارائڻ گهرجي جنهن جي ٻار نہ هئڻ جو يقين هجي ان ڪري ڇلي چڙهائڻ جو بهترين وقت ٻن ماهوارين جي وچ وارو عرصو آهي.

Intra Uterine Device

### آءِ يو ڊي ڇلو يا عورت جي جسم اندر ڪيئن ڪم ڪري ٿو:

ڇلو عورت جي ٻچيداني ۾ رکڻ بعد پنهنجو ڪم شروع ڪري ٿو ۽ رحم اندر اهڙو ماحول پيدا ڪري ٿو جو مرد جو تخمي جيوُ ڇرپر جي قابل نٿو رهي يا اُن جي ڇرپر متاثر ٿئي ٿي ۽ هُو آني کي ٻوڪي نہ سگهندو جيئن تہ تخمي جيوُ عورت جي بيضي جي نالي ۽ رحم اندر بي حرڪت ٿي وڃيٿو تنهن ڪري اُن ۾ اُها طاقت يا زور باقي نٿو رهي جو هُو عورت جي بيضي اندر داخل ٿي اُنکي ٻوڪي سگهي، ان کان سواءِ ڇلو رکڻ بعد رحم جو اندروني ماحول ڪجهہ اهڙو ٿيو وڃي جو رحم اندر سنهين نسن جي وڇايل ڄار جيڪا رحم جي هڪ ديوار سان لڳل هوندي آهي اُنکي ايترو تہ سنهو ڪيو ڇڏي جو بيضو ٻوڪڻ کان اڳ يا ٻوڪڻ بعد اُن ڄار ۾ چهٽي نٿو سگهي جو دراصل اِهائي سنهي ڄار آهي، جيڪا


ڪاپرٽي — آءِ. يو. ڊي

بوڪيل بيضي کي جهلي وڌيڪ نشونما ڏيڻي نطفي جي وجود ناهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي جتان 9 مهين ۾ ڪيترن مرحلن مان گذري ٻار ٺهي جڙي راس ٿي پيدا ٿي دُنيا ۾ اچي ٿو.

ڪن آء يو ڊي يا چلن جي جوڙجڪ اهڙي آهي، جيڪي هارمون کي خارج ڪندا آهن، جنهن ڪري ٻچي دانيءَ جو.منهن جو جيڪو اصل رستو آهي، تخم جيوَ جو اهڙي طرح ٿلهو ٿيو پوي جو تخم جيوَ جو اندر داخل ٿيڻ ناممڪن بڻايو ڇڏي، ٻين الفاظن ۾ ٻچي دانيءَ جي منهن اندر موجود پاٿيٽ کي ايترو ته گهاٽو ڪيو ڇڏي جو ڄڻ ته ٻچيدانيءَ جو منهن بند ٿيو وڃي جيئن عمومًا عورت کي ٻار ٿيڻ بعد ٻچيدانيءَ جو منهن بند ٿي وڃي ٿو عام طور تي چلي رکڻ بعد عورت 1 سال کان 5 سالن تائين ٻار ڄڻڻ کان محفوظ ٿيو پوي ۽ جن چلن تي جست چڙهيل آهي اهي 4 سالن کان 8 سالن تائين ڪارآمد آهن انهن چلن کي ڪاپرٽي چئبو آهي.

## آء يو ڊي چلي جي ناڪاميءَ جو تناسب:

آء يو ڊي هڪ پلاسٽڪ مان ٺهيل چلو آهي اُن جون مختلف سائزون ۽ نمبر آهن، جيڪي مختلف عورتن جي مختلف ازدواجي حيثيت معلوم ڪرڻ بعد رکيون آهن، يعني جن عورت کي هڪ يا 2 ٻار آهن ته ان جي رحم جي ويڪراڻ ٿوري هوندي اُن کي ننڍي سائز جو چلو رکيو ويندو پر ڪن عورتن کي وڌيڪ ٻار ٿيا هجن ته اُن لاءِ چلي جي سائز به ڪجهه وڌيڪ مناسب رهندي ڇو جو غير مناسب سائز جي ڪري به ڪڏهن ڪڏهن چلو ٻاهر نڪري ايندو آهي. بهترين آء يو ڊي ڪاپرٽي آهي، ان جي ناڪاميءَ جو تناسب صرف هڪ سيڪڙو آهي، يعني هيءُ ڄمر روڪ طريقو 99% ڪامياب آهي اُن کان سواءِ هارمون خارج ڪندڙ آءِ يو ڊي به بي حد ڪامياب آهن، اُن جو تناسب به پهرين سال ۾ هڪ سيڪڙي جي لڳ ڀڳ آهي.

## Expulsions

ڪڏهن ڪڏهن چلو خودبخود ٻاهر نڪري اچي ٿو اهڙي ناڪاميءَ جو تناسب وڌ ۾ وڌ 2 کان 3 سيڪڙو آهي، جنهن جو به گهڻو ڪري سبب غير تربيت يافته ڊاڪترياڻي هئڻ ڪري ٿئي ٿو ان لاءِ ته سائز يا نمبر جي چونڊ يا رکڻ جي مهارت ۾ غلطي ٿي ويندي آهي ان ڪانسواءِ اِهو امڪان به صرف چلي رکڻ بعد هڪ ٻن ڏينهن اندر ٿي سگهي ٿو نه ته عمومًا چلي هڪ دفعو پنهنجي جاءِ والاري ته پوءِ ان جي خودبخود خارج ٿيڻ جو امڪان بلڪل ڪونهي.

## آء يو ڊي يا چلي لڳارائڻ مان فائدا:

هن ڄمر روڪ يا ٻڄ روڪ طريقي مان اڪيچار فائدا آهن جن مان مکيه فائدا هيٺ ڏجن ٿا جن مان پڙهيل خواتين لاءِ ماٺي سگهن ٿيون ۽ ٻڄ روڪ طريقي ۾ خود طريقو پسند ڪري پوري اعتماد سان اُن مان پنهنجو مقصد حاصل ڪري سگهن ٿيون.

1- ته هيءُ طريقو يعني آء يو ڊي بي حد مؤثر طريقو آهي ۽ وڏي مدي لاءِ ڪار آمد آهي يعني هڪ دفعو چلو لڳارائڻ سان اٽڪل 5 سال ٻار پيدا ٿيڻ جي خطري مان مائرون آجيون رهن ٿيون.

2- تمام آسان طريقو آهي ۽ هن لاءِ نه ته ڪو وقت گهڻو درڪار آهي ۽ نه ڪو پسئو خرچ ٿئي ٿو ويتر خانداني منصوبه بنديءَ جو عملو وقت به وقت گهر اچي دوائون ڏيئي ڪوبه اهنج آهي ته معلوم ڪري تسلي ڏئي ٿو ۽ فالو اپ لاءِ دوائون ڏئي ٿو.

3- ته بار بار دوائن حاصل ڪرڻ ۽ پئسا خرچ ڪرڻ جي جهنجهٽ مان هميشه لاءِ نجات ملي ٿي ۽ 5 سالن تائين انسان بلڪل بي اونو ٿيو وڃي.

4- وري ٻار پيدا ڪرڻ جي خواهش پيدا ٿئي ته چلو ڪنهن به ويجهي ڪلينڪ تان ڪڍرائي سگهجي ٿو ۽ ٻار اڳي وانگر وري ٿيڻ شروع ٿيندو.

5- هن ڄمر روڪ طريقي جو جوڙي جي ميلاپ واري سسٽم سان ڪوبه تعلق ڪونهي معنيٰ ڪابه روڪ ٽام نه رهندي جوڙو جيترا ڀيرا چاهي ملي سگهي ٿو ٻئي طرف ڪجهه ڄمر روڪ طريقا اهڙا پڻ آهن، جيڪي جيترا ڀيرا ميلاپ جي خواهش ڪبي اوترا ڀيرا استعمال ڪبو مثلاً رٻڙ ڪنڊوم يا ڊيورافوم.

6- هيءُ طريقو 98% کان وڌيڪ مؤثر ۽ ڪامياب ثابت ٿيو آهي.

7- انهن عورت لاءِ هيءُ ٻڄ روڪ طريقو بلڪل آسان آهي، جن کي ٻين طريقن ۾ ويساه ڪونهي يا باربار دوائون حاصل ڪرڻ جي جهنجهٽ مان جان ڇڏائڻ چاهين ٿيون. اگر ڪڏهن تڪليف ٿئي يا وڌيڪ ٻار جي خواهش هجي ته آساني سان ڪڍرائي سگهجي ٿو. ڇو جو رکڻ جي ڀيٽ ۾ هن جو ڪڍڻ آسان آهي.

8- چلو ماهواريءَ يا ٻار ضائع ٿيڻ کان بلڪل فورا بعد رکارائي سگهجي ٿو ۽ باربار ٻار ضائع ٿيڻ جو خطرو ۽ ٻار ٿيڻ جي خطري مان آجو رهي سگهجي ٿو.

## آءِ يو ڊي ڇلي جي استعمال مان نقصان:

جيئن ته ٻار پئدا ٿيڻ هڪ فطري نظام آهي، ان قدرتي سسٽم ۾ جيڪڏهن اسان ڪا هٿ چراند ڪيون ته اها ڪوشش ايڏي مڪمل ته نه هوندي جهڙي طرح نظام فطرت ڪم ڪري ٿو. تنهن ڪري انساني حڪمت عملي جا جيترا فائدا آهن، اُن تناسب سان ڪجهه نقصان ۽ انديشا به آهن ان ڪان سواءِ جڏهن اسان پنهنجي مرضيءَ مطابق اولاد پئدا ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ اولاد جي ذميدارين ۾ ڪمي آڻي خوش حال رهڻ گهرون ٿا ته پوءِ ڪجهه قربانيون به ڏيڻيون پونديون ۽ ڪجهه تڪليفون پڻ سهڻيون پوندو. اِن اصول تحت ڇلي رڪائڻ مان جيڪي امڪاني نقصان آهن، اُهي هيٺ ڏجن ٿا:

1- ڇلو رڪارائڻ، اُن جو ڪيدارائڻ ۽ اُن جو ميڊيڪل فالو اپ هڪ انتهائي ذميداريءَ جو آهي، اُن لاءِ تربيت يافته عملي جو هر وقت موجود هئڻ ۽ اُن وٽ ضروري اوزار ۽ مشينون هئڻ به هڪ وڏو مسئلو آهي، جيڪڏهن انهن مان هڪ ڳالهه به گهٽ هوندي ته مسئلا وڌندا ۽ تڪليف جو انديشو رهي ٿو.

2- ڪڏهن ڪجهه عورتن کي ڇلي رکڻ وقت ڏاڍو سُور ٿئي ٿو جنهن جو سبب عورت جي انتهائي نازڪ جسم جي نازڪ حصي ۾ هڪ ڌاريون يعني پلاسٽڪ جو ڇلو رکجي ٿو ۽ ٻچيداني اُن سخت مادي مان ٺهيل ڇلي کي آسانيءَ سان برداشت نه ڪندي آهي.

3- ڪڏهن ته بي قاعده ماهواري شروع ٿيو پوي ۽ وري ڪڏهن ڪڏهن تمام گهڻو رت اچڻ شروع ٿيو پوي ۽ ڪمزوري پئدا ڪري ٿي.

4- ڪجهه عورتن کي نهائي ۾ تمام گهڻو سُور ٿئي ٿو، اهي سڀ علامتون مختصر عرصي لاءِ آهن سو جيڪڏهن اِهي تڪليفون جيڪي تمام ٿورين عورتن کي ٿين ٿيون جيڪڏهن برداشت ڪجن ته قدرتي نظام خودبخود انهن جو ازالو ڪري ٿو ۽ تڪليفون دُور ٿيو وڃن، پر جيڪڏهن برداشت ڪجن ته پوءِ 5 سالن تائين ٻار پئدا ٿيڻ جي جهنجهٽ مان جان ڇٽي پوي ٿي.

5- جيڪڏهن ڇلو ڊگهي عرصي لاءِ يعني 5 سالن کان وڌيڪ عرصي لاءِ رکجي ته عورت جي (Fallopion Tube) سنهي ٿيڻ جو ڪجهه امڪان رهي ٿو.

> اهڙيون زالون جن کي شڪ هجي ته سندس مڙس يا ساٿي جا ڪن ٻين عورتن وغيره سان جنسي تعلقات آهن يا هئڻ جو شڪ هجي ته اهڙي عورتن کي به آءِ يو ڊي ڇلو نه رڪائڻ گهرجي جو هنن ۾ ڪنهن ڏکي بيماري ٿيڻ جو امڪان ٿي سگهي ٿو، جن عورتن کي ٻچيدانيءَ ۾ ڪنهن به قسم جي خرابي هجي ته اهڙيون عورتون به ڇلو نه رڪارائن

6- جيڪڏهن غير تربيت يافته عورت کان ڇلو رڪارائبو ته ڇلي جو ٻچيداني سان سوراخ ڪري (Abdominal Cavity) ۾ داخل ٿيڻ جو امڪان به ٿي سگهي ٿو اهڙي صورت ۾ آپريشن ذريعي ڇلو ٻاهر ڪيدارائي ڇڏجي ۽ جيستوڻيڪ ڇلو استعمال ڪندڙ عورتن کي ٻار ٿيڻ جو امڪان گهٽ ٿيڻ ڪري ٿي کان ست سيڪڙي عورتن کي نلي واري حمل يعني Ectopic Pregnancy جو خطرو ٿي وڃي ٿو. اهڙي پوزيشن کان بچڻ لاءِ ڇلي لڳارائيدڙ عورتن کي فيملي پلاننگ سينٽر تي وقت به وقت معائني لاءِ وڃڻ گهرجي.

## آءِ. يو. ڊي/ڇلي واري ڄم روڪ طريقي جا سلامتي جا نڪتا ۽ تنبيهي اشارا:

هڪ عام روايتي اشارو انهن عورتن لاءِ بي حد خطرناڪ آهي جن کي نرن ۾ يا نهائيءَ ۾ نئين يا پراڻي سوڄ سُور يا Infection هجي يا جن عورتن کي خدشو هجي ته اُنهن کي نرن ۾ يا نهائي ۾ جلن محسوس ٿئي ٿي معنيٰ (Pelvic Inflammatory Disease (PID) بيماري جو ڪوبه امڪان آهي يا جنسي وچڙندڙ بيماري جهڙوڪ Aids يا Chlomydia هجي يا خدشو محسوس ڪن ته انهن لاءِ آءِ يو ڊي مناسب طريقو نه آهي. ان کانسواءِ اهڙيون زالون جن کي شڪ هجي ته سندس مڙس يا ساٿي جا ڪن ٻين عورتن وغيره سان جنسي تعلقات آهن يا هئڻ جو شڪ هجي ته اهڙي عورتن کي به آءِ يو ڊي ڇلو نه رڪائڻ گهرجي جو هنن ۾ ڪنهن ڏکي بيماري ٿيڻ جو امڪان ٿي سگهي ٿو.

جن عورتن کي ٻچيدانيءَ ۾ ڪنهن به قسم جي خرابي هجي ته اهڙيون عورتون به ڇلو نه رڪارائن ۽ ٻيو ڪو طريقو استعمال ڪن.

ڇلو رڪارائڻ انهن عورتن لاءِ به سودمند نه آهي جن کي Ectopic Pregnancy جهڙي حمل جو شديد خطرو آهي، جن عورتن کي ڪمزوري يا خون جي ڪمي هجي غير متوقع خون اچڻ (يونيءَ مان) ٻچيداني يا اُن جي منهن ۾ ڪينسر هجي ان کي عام ڇلو نه




Adarts-HSU-1/93

# هيپٽائيٽس بي (B)
# بابت چند حقيقتون

● هيپٽائيٽس بي (B) هڪ موتمار بيماري آهي، جيڪا هيپٽائيٽس بي وائرس (HBV) سبب ڦهلجي ٿي.
● سڄي دنيا ۾ اندازاً 2000 ملين انسان هن مرض ۾ وچڙيل آهن.
● هيپٽائيٽس بي (B) ائڊز جهڙي موذي مرض ڪان بہ هڪ سئو دفعا وڌيڪ روڳ واري آهي.
● هيپٽائيٽس بي (B) سڄي دنيا ۾ هر سال هڪ ڪان بہ ملين انسانن جي موت جي ذميوار آهي.
● هي بيماري رت (Blood) مرداڻي نطفي (Semen)، ڳوڙهن (Tears) ۽ ٻين جسماني پاڻيٺن وسيلي هڪ انسان مان ٻئي انسان ۾ منتقل ٿئي ٿي.
● پاڪستان ۾ ڏهن ماڻهن مان هڪ ڇڙو هيپٽائيٽس بي (B) جو ڪيريئر آهي (ڪيريئر جو مطلب اهو انسان جيڪو ٻئي انسان کي بيماري منتقل ڪري)
● پاڪستان ۾ جگر جي ڪينسر وارن مريضن مان 62 سيڪڙو مريض، هيپٽائيٽس بي (B) ۾ مبتلا هجڻ سبب پوڳين ٿا.
● هيپٽائيٽس بي (B) ۾ مبتلا ٿيڻ ڪانپوءِ ان جو ڪوبہ علاج نہ آهي.
● هيپٽائيٽس بي (B) جي مرض کي صرف ۽ صرف ان جي روڪٿام وارين سين (Vaccination) سان ئي روڪي سگهجي ٿو.

**پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي ٻارن کي هيپٽائيٽس بي (B) جي هاڃن کان بچايو، اڄ ئي ان جي روڪٿام واريون سُيون (Vaccination) لڳرايو.**

## پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن پاران
## ماڻهن ۾ صحت جي سجاڳي آڻڻ جو پيغام

# گڏيل ٽينڊر گهرائڻ بابت نوٽيس

بلڊنگس ڊپارٽمينٽ جا مڃيل ٺيڪيدار جيڪي هلندڙ مالي سال لاءِ تجديدي / لسٽ ۾ شامل هجن. کان هيٺ ڏنل ڪمن لاءِ بي - 1 فارمن تي مهربند گڏيل ٽينڊر گهرائجن ٿا.

| جريان نمبر | ڪم جو نالو | ڪٿيل رقم | سوٽي رقم | ٽينڊر في | تڪميل جي مدت |
|---|---|---|---|---|---|

**شامل لسٽ مطابق**

ٽينڊر اهڙن لائق ٺيڪيدارن کي جاري ڪيا ويندا جيڪي پنهنجين درخواستن سان گڏ نيشنل بئنڪ وٽان ڪال ڊپازٽ جي صورت ۾ ضروري سوٽي رقم 7/3/95 تائين يا ضروري في جي ادائيگي سان جمع ڪرائيندا.

ٽينڊر 9/3/95 تي منجهند جو 12 وڳي (مقرر) تائين ورتا ويندا ۽ ساڳي ڏينهن تي منجهند جو 30-1 وڳي اهڙن ٺيڪيدارن يا انهن جي عيوضين جي موجودگي ۾ کوليا ويندا جيڪي هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ ايندا.

شرطن وارو ڪوبه ٽينڊر نه مڃيو ويندو.

هيٺ صحيح ڪندڙ يا مجاز اٿارٽي بنا ڪنهن سبب ٻڌڻ جي ڪنهن به هڪ يا مڙني ٽينڊرن کي مڃڻ / رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

| جريان نمبر | ڪم جو نالو | ڪٿيل رقم | سوٽي رقم | ٽينڊر في | تڪميل جي مدت |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | پوليس لائين ضلعي ملير ڪراچي لاءِ نان ريزيڊنشنل اڪوموڊيشن جي تعمير. | | | | |
| | 1- ايس. ايس. پي آفيس | 2500000/= | 50000/= | 1000/= | 12 مهينا |
| | 2- ميگزين | 380000/= | 7600/= | 200/= | 6 مهينا |
| | 3- ڪمپائونڊ وال | 55000/= | 1100/= | 200/= | 3 مهينا |
| | 4- ڊي. ايس. پي / آر. آءِ آفيس | 550000/= | 11000/= | 700/= | 6 مهينا |
| | 5- گارڊ روم | 650000/= | 13000/= | 700/= | 6 مهينا |
| | 6- اسٽور ۽ گودام | 240000/= | 4800/= | 200/= | 3 مهينا |
| | 7- موٽر گئريج | 315000/= | 6300/= | 200/= | 3 مهينا |

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پراونشل بلڊنگس ڊويزن -II
پوليس ورڪس ڪراچي

انفرميشن / ڪراچي- 830

# ويچ ڊسڪائونٽ ڪوپن

جنوري 1995 کان وٺي ماهوار ويچ پنهنجي پڙهندڙن لاءِ خاص تحفو "ويچ ڊسڪائونٽ ڪوپن" متعارف ڪرائي رهيو آهي- پڙهندڙ هن صفحي تي ڇاپيل خاص دڪاندارن جا ڪوپن ڪينچي سان ڪٽي ڪوپن ۾ لکيل تاريخ واري معيار اندر انهن وٽان مقرر ڪيل رعايت حاصل ڪري سگهن ٿا.


لاڙڪاڻي جي مرڪزي علائقي ۾
هر قسم جي بيڪري ۽ جنرل اسٽور وارين شين جو مرڪز

**ثناءِ بيڪرز (ايئرڪنڊيشنڊ)**

پاڪستان چوڪ لاڙڪاڻو

ويچ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 31 مارچ 1995 تائين هر گراهڪ کي پنج سيڪڙو (5%) رعايت ڏني ويندي.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاءِ ڪارآمد هوندو

هر قسم جي سلوار قميص، پينٽ شرٽ ۽ ويسڪيٽ جي سلائي جو اعليٰ مرڪز

**ريلائنس ٽيلرز**

شاپ نمبر 11-16 پرگڙي پلازا سامهون جنرل پوسٽ آفيس لاڙڪاڻو پروپرائيٽر: احمد علي حيدري

ويچ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 31 مارچ 1995 تائين هر گراهڪ کي هر قسم جي سلائي تي پنج سيڪڙو (5%) رعايت ڏني ويندي.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاءِ ڪارآمد هوندو

خون، پيشاب، بلغم، پائخاني وغيره جي هر قسم جي معياري ٽيسٽ جو مرڪز

**نيشنل پيٿالاجيڪل ليبارٽري**

نزد الحبيب هوٽل بئريج روڊ سکر

ويچ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 31 مارچ 1995 تائين هر قسم جي ٽيسٽ ڪرائڻ تي ڏهه سيڪڙو (10%) رعايت حاصل ڪريو.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاءِ ڪارآمد هوندو

## هر قسم جي ڌنڌي وارا دوست توجهه ڏين

هر قسم جي دڪاندار، هوٽل، ميڊيڪل اسٽور، پيٿالاجي ليبارٽري ۽ ٻين ڌنڌي وارن لاءِ ويچ ڊسڪائونٽ ڪوپن اسڪيم ۾ مفت شموليت اوهان هن اسڪيم مان فائدو حاصل ڪري پنهنجو ڪاروبار وڌائي سگهو ٿا.

لکپڙهه لاءِ:

**مئنيجنگ ايڊيٽر ماهوار ويچ، جي. پي. او باڪس نمبر 568 ڪراچي.**

# گڏيل ٽينڊر گهرائڻ بابت نوٽيس

بلڊنگس ڊپارٽمينٽ وٽان تسليم ٿيل ٺيڪيدارن جن ڪئلينڊر سال 1995 لاءِ تجديدي فيس جمع ڪرائي آهي، کان شامل لسٽ ۾ ڪمن جي ڏنل تفصيل لاءِ بي - 1، بي - 11 فارمن تي مهربند گڏيل ٽينڊر گهرائجن ٿا. خالي ٽينڊر فارم هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس مان هر ٽينڊر فارم روڪ پئسن (ناقابل واپسي) تي حاصل ڪري سگهجن ٿا. اهڙو ٽينڊر ڀريندڙ جيڪو دستبردار ٿيندو يا پنهنجي ٽينڊر ۾ ڦيرڦار ڪندو سو پنهنجي سوٽي رقم گورنمينٽ وٽ ضبط ڪرائيندو جيستائين سوٽي رقم ڪنهن شيڊول بئنڪ يا ٽريزري ۾ جمع نہ ڪرايل هوندي، ڪوبہ ٽينڊر جاري نہ ڪيو ويندو ۽ ٽريزري چالان يا ڊپازٽ ائٽ ڪال پي آرڊر خالي ٽينڊر فارم حاصل ڪرڻ وقت ڏيکارڻو پوندو. سوٽي رقم روڪ پئسن جي صورت ۾ قبول نہ ڪئي ويندي. مجاز اٿارٽي ڪنهن بہ هڪ يا مڙني ٽينڊرن کي بغير ڪنهن سبب ٻڌائڻ جي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي ۽ سندس فيصلو آخري هوندو. شرطن وارا ٽينڊر نہ مڃيا ويندا.

ٻيا شرط ۽ ضابطا هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ يا سندس نوٽيس بورڊ تي ڪنهن بہ ڪم واري ڏينهن تي آفيس اوقات دوران ڏسي سگهجن ٿا.

ٽينڊر جاري ڪرڻ جي تاريخ 95-3-7، ٻہ وڳي منجهند تائين.

ٽينڊرن کلڻ جي تاريخ 95-3-9 ٻہ وڳي منجهند تائين.

| جريان نمبر | ڪم جو نالو | ڪٿيل رقم | سوٽي رقم | تڪميل جي مدت | ٽينڊر في |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | جيڪب لائينز ڪراچي ۾ ٽيڪنيڪل ٽريننگ سينٽر برپا ڪرڻ. | 2500000/= | 50000/= | 18 مهينا | 1000/= |
| 2 | بفرزن نارٿ ڪراچي ۾ امپليمينٽيشن آف نيشنل ووڪيشنل ٽريننگ پروجيڪٽ فيز - II فار وومن. | 1700000/= | 34000/= | 12 مهينا | 1000/= |

انفرميشن / ڪراچي- 827

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پراونشل بلڊنگس نمبر-4
ڪراچي

وڻن ويچن وٽ. جي سڪين تہ سکھو تيين (شاهہ)

ماهوار

ويڄ

ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

## جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا تہ:

- صحت جي سجاڳي آڻيندڙ سنڌي ٻولي جو هي نرالو رسالو ماهوار "ويڄ" باقاعدگيءَ سان اوهانجي هٿ ۾ هر مهيني پهچي ۽ سنڌي جو هي نرالو رسالو بنا ڪنهن مالي بحران جي هلندو رهي.
- ٻولي جي واڌاري ۽ ارتقا ۾ اوهانجو حصو شامل هجي.

تہ پوءِ:

- اڄ ئي ماهوار "ويڄ" جي ساليانو خريداري جو ڪوپن ڀري موڪليو.
- ڪوپن سان گڏ ساليانو خريداري جو چندو هڪ سؤ پنجاهہ روپيا / ڇهہ ماهي خريداري جو چندو 75 روپيا بئنڪ ڊرافٽ ذريعي موڪليو.
- بئنڪ ڊرافٽ "ماهوار ويڄ" (Monthly WAIJ) جي نالي ۾ ٺهيل هجي.
- ساليانو خريداري جو چندو موڪلي اوهان ماهوار ويڄ پنهنجي دوستن ۽ پيارن کي سڄي سال لاءِ تحفي طور بہ موڪلي سگهو ٿا. اسان توهانجي دوست/ عزيز کي رسالي موڪلڻ سان گڏ اهو اطلاع ڪنداسين تہ رسالو ڪنهن جي پاران تحفو ٿيل آهي.
- ڪوپن ۽ بئنڪ ڊرافٽ هيٺين پتي تي عام پوسٽ واري لفافي ذريعي موڪليو

**مئنيجنگ ايڊيٽر ماهوار ويڄ، جي.پي.او باڪس نمبر 568 ڪراچي**

نوٽ: چيڪ ۽ مني آرڊر قابل قبول نہ هوندو. هر ساليانو خريدار کي ساليانو فِي جي بدلي رسالي جا 12 پرچا موڪليا ويندا.

# خريداري جو فارم

منهنجو/ منهنجي دوست / عزيز جو نالو ماهوار "ويڄ" جي ساليانو / ڇهہ ماهي خريدارن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو وڃي.
مان ساليانو / ڇهہ ماهي چندي جو بئنڪ ڊرافٽ ۽ پنهنجا / پنهنجي دوست/ عزيز جا تفصيل هن فارم ۾ شامل ڪري موڪليان پيو.

نالو (ذات سان گڏ): ______________________

ائڊريس: ______________________

______________________

شامل بئنڪ ڊرافٽ جو نمبر ______________________

صحيح ______________ تاريخ ______________

# PFIZER

## A global company at home with many nations

**In the war against disease ... Pfizer has contributed over a hundred years of painstaking research and experience. This performance leads to the worldwide trust in Pfizer quality medicines.**



**Pfizer Bringing Science To Life**




UNITED

PID-I-6/95